# اميرِ اهلِ سُنّت کان شاعري
# جي باري ۾ سوال جواب

سندھی



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامی)

ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيواِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفكربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



رسالي جو نالو: امير اهلِ سُنّت کان شاعري جي باري ۾ سوال جواب

ڇاپو پهريون: رجب المرجب 1443ھ فيبروري 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# رسالو: امير اهلِ سُنّت کان شاعري جي باري ۾ سوال جواب

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

اميراهلِ سُنّت کان شاعري جي باري ۾ سوال جواب .............. 1
دعاءِ جانشينِ اميراهلسنت ................................ 1
درود شريف جي فضيلت ................................ 1
شاعِري جي خواهشمندن جي لاءِ مَدَني گُل ..................... 1
شاعِري جو شوق يا شهرت جي هَوَس! ....................... 2
خدا جي رضا جي چاهت يا داد ملڻ جي خواهش! ................. 4
گمنام پاڻهن جو شان ۽ عظمت ............................ 6
شاعري جو شوق رکڻ ڪيئن آهي؟ ............................ 7
نعتيہ شاعري ڪرڻ ڪيئن آهي؟ ............................ 9
ڇا غيرعالم نعت نہ ٿولکي سگهي؟ ........................... 10
نعتيہ شاعري هرهڪ جو ڪم ناهي ........................... 12
ڪنهن ڪنهن جو ڪلام پڙهڻ گهرجي؟ ........................ 12
نعتيہ شعر چيڪ ڪرايو .................................... 14
نعت ۾ لفظ ”تون“ يا ”تنهنجو“ چوڻ ڪيئن آهي؟ ................. 15
شاعر جي ڪلام ۾ تبديلي ڪرڻ ڪيئن آهي؟ .................... 17
ڇا اسلامي ڀينرون نعت جي صيغن ڪي بدلائي سگهن ٿيون؟ ....... 18
اميراهلسنّت جو گجراتي ڪلام ............................... 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

هي مضمون اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب ”ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب“ ۽ ملفوظات اميرِاهلسنت جي مختلف قسطن مان ڪنيو ويو آهي.

# اميرِ اهلِ سُنّت کان شاعري جي باري ۾ سوال جواب

## دعاءِ جانشينِ اميرِ اهلسنت

ياالله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”اميرِاهلسنت کان شاعري جي باري ۾ سوال جواب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي فضوليات کان بچائي ڪري پنهنجي ۽ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذڪر ۾ مشغول رهڻ واري زبان عطا فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## درود شريف جي فضيلت

اميرُالْمُومِنِين مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتضيٰ شيرخدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جڏهن ڪنهن مسجد وٽان لنگهو تہ رسولِ اڪرم، نورِمجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود پڙهو. (فضل الصّلاة على النبى ، ص70، رقم: 80)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شاعِري جي خواهشمندن جي لاءِ مَدَني گُل

سوال: ڪو اسلامي ڀاءُ حضور عَلَيْهِ السَّلَام جي شان ۾ اَشعار لکڻ چاهي تہ ان کي ڪهڙي شيءِ جو خيال رکڻ گهرجي ۽ ڪهڙي طرح جا لفظ استعمال ڪرڻ گهرجن؟

جواب: پهريان تہ مشورو اهو ئي آهي تہ اَشعار لکڻ جو شوق پيدا نہ ڪيو ڇو تہ علمِ عُروض باقاعده شاعري جو هڪ مُشڪل فَن آهي وڏيڪ حمد، نعت، صحابہ ڪرام ۽ اهل بيت رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم ۽ بُزرگانِ دين رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہِم جي منقبت جا شعر لکڻ لاءِ قرآن و حديث تي نظر هئڻ سان گڏوگڏ لفظن جو تمام وڏو ذخيرو، فَن ۾ مهارت ۽ تمام گهڻو علم(هئڻ) گهرجي، مون عوام مان ڪافي لکڻ وارن ۽ وارين جو ڪلام ڏٺو آهي جن ۾ ڪافي بيڪار گفتگو هوندي آهي، نہ رَديف جو ڌيان هوندو آهي، نہ قافيہ جو ڪو اَتو پَتو ۽ نہ ئي وزن صحيح هوندو آهي، انهيءَ جي اُبتڙ جيڪي واقعي شاعر هوندا آهن اهي فنِ علمِ عُروض جو تہ خيال رکي وٺن ٿا پر انهن کان بہ شرعي معاملات ۾ گڙبڙ ٿي ويندي آهي، لِهٰذا عالمِ دين ماهرِ فن ۽ چڱو ڀلو علم رکڻ واري شخص جو شاعري ڪرڻ ئي سمجهہ اچي ٿو، بهرحال جيڪڏهن ڪو عام ماڻهو شاعري ڪري ٿو تہ اُن کي گهرجي تہ اهو پنهنجي شِعرن کي ڪنهن فن جي ماهر عالمِ دين کان چيڪ ڪرائي ۽ ان جي ڏنل هدايتن تي عمل ڪري.

## شاعِري جو شوق يا شهرت جي هَوَس!

ياد رکو! شاعري گهڻو مشغول ڪرڻ وارو ڪم آهي، ان ۾ ماڻهو واهہ واهہ کان ننڍو بچي سگهي ۽ حُبِّ جاهہ ۾ وڃي پوندو آهي، جنهن کي الله پاڪ بچائي اهو ئي بچي سگهي ٿو، مان توهان کي ان جو مثال ڏيان ٿو جيئن ڪو شخص ڪلام لکندو آهي، تہ ان ۾ پنهنجو مقطع[1] ضرور لکندو. هاڻي جيڪڏهن ڪنهن ان شاعر جو ڪلام پڙهيو ۽ ان

[1]...ڪلام جو سڀ کان آخري شعر جنهن ۾ شاعر پنهنجو تخلص بيان ڪندو آهي- (اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ)

مقطع نہ پڑهيو تہ ان شاعر کي قلبي طور تي رنج ۽ صدمو ٿيندو بلڪ جيڪڏهن ان کان برداشت نہ ٿيو تہ اهو چئي بہ ڏيندو تہ ”ادا! مقطع تہ پڑهو“ تہ جيئن خبر پئي تہ هي ڪلام ڪنهن جو لکيل آهي! ظاهري طور هن نيّت ۾ فساد موجود آهي، وري مقطع ۾ نالو نہ وجهڻ بہ وڏي آزمائش آهي، جيڪڏهن شاعِر پنهنجو نالو نٿو وجهي تہ ان کي هيءَ ڳالهہ تنگ ڪندي تہ ماڻهن کي ڪيئن خبر پئي تہ هي ڪلام مون لکيو آهي، جيتوڻيڪ هِن ڳالهہ جو خيال رکڻ ضروري آهي تہ منهنجي انهن مَدَني گُلن کي بُزرگن تي قياس نہ ڪيو وڃي جيئن سرڪار اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مقطع ۾ رضا لکيو اهڙي طرح ٻين بُزرگن بہ پنهنجي ڪلام ۾ نالا وڌا آهن، ياد رکو! اسان جا بُزرگانِ دين سراپا اخلاص هوندا هئا اسان جو ايترو ظرف ڪٿي آهي!

بعض بُزرگن پنهنجي لکيل ڪتابن تي انهيءَ خوف کان نالو ناهي لکيو تہ ڪٿي قيامت جي ڏينهن ايئن نہ چيو وڃي تہ تو ڪتاب انهيءَ لاءِ لکيو هيو تہ جيئن تنهنجو نالو مشهور ٿئي سو تنهنجو نالو مشهور ٿي ويو، تنهنجي واهہ واهہ بہ ٿي وئي، هاڻي تنهنجي لاءِ ڪجهہ ناهي! پوءِ اهڙن کي اونڌي منهن جهنّم ۾ وڌو ويندو. (مرآة المناجيح، 1 / 191) حديث شريف ۾ ٽن فردن ڏانهن اشارو آهي يعني عالم، سخي ۽ راهِ خدا ۾ شهيد ٿيڻ وارو جو انهن ٽنهي کان انهن جي عملن جي باري ۾ پڇيو ويندو تہ هي سڀ پنهنجي پنهنجي طور تي الله پاڪ جي نعمتن جو اقرار ڪندا ۽ ان جو شڪر ادا ڪندا ۽ ٻڌائيندا تہ اسان هيءَ خدمت ڪئي، هيءَ سخاوت ڪئي، هيءُ ڪيو، هو ڪيو، پوءِ انهن کي چيو ويندو تہ توهان اِهو سڀ ڪجهہ انهيءَ لاءِ ڪيو تہ توهان کي عالم، سخي ۽ بهادر چيو وڃي تہ اهو چيو ويو پوءِ انهن کي جهنّم ۾ وڌو ويندو.

(مسلم، ص813، حديث : 4923) حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُاللهِعَلَيْه هِن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا تہ هي هر عمل جي لاءِ آهي. (مرآة المناجيح، 1/ 192مفهوما) هر هڪ غور ڪري تہ نالي جي لاءِ عمل ڪرڻ وارن سان ڇا ٿيندو؟ واقعي نالي جي شهرت ۾ وڏي لذت هوندي آهي، اهو ئي سبب آهي ڪجھ ماڻهو عطيات ۽ ڊونيشن ڏيندا آهن تہ انهن جي خواهش هوندي آهي تہ انهن جي باري ۾ ٽي وي ۽ اَخبار ۾ خبر اچڻ گهرجي تہ ماشاءَ الله موصوف هيترو هيترو چندو ۽ ڊونيشن ڏنو آهي. ڪرڻ وارا اهو سڀ ڪجھ ڪندا آهن علي الاعلان ڪندا آهن، هاڻي الله پاڪ بهتر ڄاڻي ٿو تہ ڪنهن جي ڇا نيّت آهي، اسان ڪنهن جي نيّت تي حملو نٿا ڪري سگهون، پر ڪڏهن ڪڏهن واضح قرينو هوندو آهي تہ چندو ڏيڻ وارو فلاڻو ماڻهو پنهنجي واھ واھ چاهي ٿو، پر خيال رهي تہ ڪڏهن ڪڏهن قرينو غلط ثابت ٿيندو آهي. لهٰذا ڪنهن کي پنهنجي طرف کان قرينو ڪڍڻ جي ضرورت نہ آهي. اسان کي صرف حُسنِ ظنّ رکڻ گهرجي، انهيءَ ۾ عافيت آهي.

## خدا جي رضا جي چاهت يا داد ملڻ جي خواهش!

اهڙي طرح مصنّف بہ غور ڪري، شاعر بہ غور ڪري، مبلغ بہ غور ڪري، مَدَني قافلي جو مُسافر بہ غور ڪري. هي هڪ ساھ ۾ پنهنجي ڪارڪردگي ڏئي رهيا هوندا آهن، ڪو چوندو آهي مون 12 مهينن ۾ سفر ڪيو آهي، ڪو چوندو آهي مون 25 مهينا سفر ڪيو آهي، تہ ڪو چوندو آهي مان تہ آهيان ئي وقفِ مَدينہ! هي يقيناً سعادت جي ڳالھ آهي مان انهن جي باري ۾ اهو نٿو چوان تہ هي ماڻهو رياڪار آهن پر انهن کي پنهنجي دل تي غور ڪرڻ گهرجي تہ مان هي ڇو چئي رهيو آهيان؟

جيڪڏهن ان جي اها ڳالهه ٻڌي ڪنهن چئي ڏنو تہ ”واهه ادا تو تہ وڏي قرباني ڏئي ڇڏي، اوهان جي ڇا ڳالهه آهي“ ، اهڙي طرح مبلغ جو بيان ٻڌي ڪنهن چيو تہ ”توهان تہ واقعي تمام سنو بيان ڪيو ٿا يا ڪنهن سبحانَ الله چئي ڇڏيو“ اهڙي طرح نعت خوان کان نعت ٻڌي چئي ڇڏيو ” واهه سبحان الله توهان جو ڪيترو پيارو آواز آهي يا چئي ڇڏيو توهان ڪيترو سنو آواز ماٺيو آهي“ تہ انهن ماڻهن جي دل ۾ ڇا خيال پيدا ٿيندو آهي ڪٿي ماڻهن جو انهن جي لاءِ تعريفي جملا چوڻ انهن جي لاءِ پگهار(اُجرت) جي حيثيت تہ نٿو رکي؟ اهڙي طرح قرات ڪرڻ وارا قاري صاحبان بہ غور ڪن ڪٿي انهن تجويد جا سڀ قاعدا مائيڪ تي تلاوت جي لاءِ تہ وقف ناهين ڪيا؟ جڏهن هي پنهنجي نماز پڙهندا آهن ان ۾ تجويد جي قاعدن جو خيال رکندا آهن؟ ڪٿي انهن سيني قاعدن جو لحاظ صرف عوام کان داد ۽ تحسين وُصول ڪرڻ ۽ واهه واهه ٻڌڻ جي لاءِ تہ نٿا ڪن؟

ياد رکو! منهنجي انهن تمام ڳالهين جو مطلب هرگز اهو ناهي تہ جيڪڏهن ڪو قاري سني تلاوت ڪري تہ ان ڪي اهو چيو وڃي تہ ”هي تہ عوام کي ڏيکارڻ لاءِ اهڙي طرح پڙهي رهيو آهي يا ان جي دل ۾ اخلاص ناهي وغيره“ ظاهر آهي ڪنهن کي بہ اهڙي طرح بَدگماني ڪرڻ ۽ ٻين تي حڪم لڳائڻ جي اجازت نہ آهي، يادرکو! الله پاڪ کي سڀ معلوم آهي، اسان کي گهرجي تہ اسان غور ڪيون تہ اسان ڇو پڙهي رهيا آهيو؟ ڇو لکي رهيا آهيون؟ ڇو ڪري رهيا آهيون؟ ڇو چئي رهيا آهيون؟ ڇو بيان ڪري رهيا آهيون؟ ڇو دَرس ڏئي رهيا آهيون؟ ڇو مَدني قافلن ۾ سفر ڪري رهيا آهيون؟ ڇو عِلاقائي دورو برائي نيڪي جي دعوت ڏئي رهيا آهيون؟ ڇو نعتون پڙهي رهيا آهيون؟ ڇو

تلاوتون ڪري رهيا آهيون؟ چو قرائتون ڪري رهيا آهيون؟ چو تهجد پڙهي رهيا آهيون؟ چو نيڪ عملن جي رسالي تي عمل ڪري رهيا آهيون؟ اي ڪاش! اسان اهي ئي ڪم ڪيون جن ۾ ثواب ملي ۽ رب جي رضا حاصل ٿئي. الله ڪريم اسان کي اخلاص نصيب ڪري ۽ حُبّ جاهه کان بچائي.

## گمنام ٻانهن جو شان ۽ عظمت

حُبّ جاهه جو مطلب آهي پنهنجي عزّت و شهرت جي خواهش ڪرڻ ۽ هي چاهڻ تہ مان مشهور ٿي وڃان، ماڻهو منهنجي عزت ڪن، منهنجي خوب واهه واهه ڪن يا ان نيّت سان پنهنجي خاندان جي نسبت بيان ڪرڻ مثلاً ڪنهن پنهنجي پاڻ کي سيّد چورايو يا پنهنجي باري ۾ ٻڌايو تہ مان فلاڻي پير صاحب جي اولاد مان آهيان يا فلاڻي بُزرگ کان منهنجي نسبت هلندي اچي پئي، مان هي آهيان مان هو آهيان تہ جيئن ماڻهو منهنجي عزت ڪن، منهنجا هٿ چمن ۽ چون "واهه سائين ماشاءَ الله توهان انهن جا پوٽا آهيو يا انهن جا پَڙ پوٽا آهيو يا انهن جا پٽ آهيو يا چون اڙي واهه توهان فلاڻا آهيو واهه سائين". جيڪڏهن هي پاڻ تعارف نہ بہ ڪرائين تڏهن بہ خواهش هوندي آهي تہ منهنجو تعارف ڪرايو وڃي تہ مان ڪير آهيان؟ ڪنهن جو رشتيدار آهيان؟ ڪنهن وڏي شخصيت سان منهنجو تعلق آهي؟ يا مان ڪهڙي وڏي شخصيت سان گڏ هوندو آهيان؟ جي ها! جيڪو ڪنهن شخصيت سان گڏ هوندو آهي ان شخصيت جي ڪري بہ ان جو آڌرڀاءُ ڪيو ويندو آهي هي بہ هڪ خطرو آهي. ڏٺو وڃي تہ هر مُعاملي ۾ رسڪ فيڪٽر موجود آهي، الله ڪريم اسان جي حال تي رحم فرمائي ۽ انهن گمنام ٻانهن جو صدقو ملي جن

جي باري ۾ چيو ويو ته انهن کي دروازي کان پري ڪيو ويندو آهي، انهن کان پڇيو ناهي ويندو، بيمار ٿيندا آهن ته عيادت ڪرڻ وارا ناهن هوندا، فوت ٿي وڃن ته ماڻهو جنازي ۾ اچڻ جي زحمت ناهن ڪندا، اهڙن گمنام ٻانهن جو حديثن مبارڪن ۾ شان بيان ٿيو آهي، بظاهر گمنام کي ڪير نٿو سڃاڻي پر انهن جي لاءِ رب جو ڄاڻڻ ڪافي آهي يعني ماڻهوسُڃاڻن يا نه سُڃاڻن ان سان هنن کي ڪو فرق ناهي پوندو رب ته ڄاڻي ٿو انهن لاءِ اهو ئي ڪافي آهي. اللّٰه پاڪ چاهيندو آهي ته پنهنجن اهڙن گمنام ٻانهن کي شهرت عطا فرمائي ڇڏيندو آهي اها هُن جي مرضي ۽ مشيت آهي، تنهنڪري انبياء ڪِرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم اولياءِ ڪرام ۽ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ جي باري ۾ اهو نه سوچجو ته اهي هستيون گمنام نه هيون ته انهن کي فضائل حاصل نه ٿيندا ! انهن هستين جا پنهنجا پنهنجا مقام آهن. شهرت اسان جهڙن ماڻهن لاءِ خطري جو جار آهي، هڪ جڳهه کان بچون ٿا ته ٻي جڳهه ڦاسي پئون ٿا ۽ پوءِ هٿ نوڪيون مصلحتون ڳولهي پاڻ کي مطمئن ڪندا آهيون ته منهنجي اها نيّت نه هئي، منهنجو اهو مقصد نه هو يا منهنجي مُراد فلاڻي شيءِ هئي وغيره وغيره ۽ بعض اوقات پاڻ کي بچائڻ يا شرمندگي مٽائڻ لاءِ ڪوڙ جو سهارو به وٺي وٺندا آهيون ۽ اهو سڀ وبال انهيءَ شهرت جو هوندو آهي. اللّٰه ڪريم! اسان سڀني کي سچّو ڪري ۽ هميشه هميشه جي لاءِ اسان کان راضي ٿي وڃي.

(ملفوظاتِ اميراہلِ سنت،قسط:110)

## شاعري جو شوق رکڻ ڪيئن آهي؟

سوال: مون کي شاعري جو گهڻو شوق آهي برائي ڪرم منهنجي رهنمائي فرمايو.

جواب: شاعري جو شوق چڱو نہ آھي.[1] مون شاعرن جي ڪلام ۾ ڪيئي جڳھن تي ڪفريات ڏٺا آھن، ڪيئي نالي وارا شاعر جن کي تاريخ ۾ وڏي اھميت ڏني ويندي آھي انھن بہ اھڙيون خطائون ڪيون آھن جو انھن جي شعرن کي پڙھي ڪري انسان حيران ٿي وڃي جو ڪٿي اللہ پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي شان ۾ توھين آميز ڪلما لکي ڇڏيا، ڪٿي جنت جو مذاق اڏايو تہ ڪٿي فرشتن جي تقدس تي حملا ڪيا، شايد اھڙن شاعرن جي باري ۾ ڪنھن چيو آھي:

جہنّم کو بھر دیں گے شاعر ہمارے

چو تہ جنھن اھڙا ڪفريات بڪيا جن تي اِلتِزامِ ڪفر[2] جو حڪم لازم اچي ٿو ۽ بغير توبہ ڪَئي مري ويو تہ اھو مرتد ٿيو ۽ ھميشہ

---

1...ياد رھي شعر في نفسہ برا نہ آھن چو تہ ھي ھڪ ڪلام آھي، جيڪڏھن شعر سنا آھن تہ اھو ڪلام سنو آھي ۽ برا اشعار آھن تہ اھو ڪلام بہ برو آھي، جيئن حضرت عروہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آھي، رسول اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اِرشاد فرمايو: ”شعر ھڪ ڪلام آھي، سنا شعر سني ڪلام جي طرح آھن ۽ برا شعر بري ڪلام جيان آھن، (سنن الکبری للبیہقی،110/5، حديث: 9181) ۽ حضرت عائشہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا فرمائن ٿيون” ڪجھ شعر سنا ھوندا آھن ۽ ڪجھ برا ھوندا آھن، سنن شعرن کي ڪٽي وٺو ۽ برن شعرن کي ڇڏي ڏيو. (الادب المفرد، ص 235، حديث:890) (تفسير صراط الجنان، 173/7 ، 174 )

2...ڪفر جا بہ قسم آھن:(1)لزومِ ڪُفر (2)اِلتِزامِ ڪُفر.لزومِ ڪُفر ھي آھي تہ جيڪا ڳالھ ڪئي اھا عَينِ ڪُفر ناھي مگر ڪُفر تائين پھچائڻ واري ھوندي آھي، ۽ اِلتِزامِ ڪُفر ھي آھي تہ ضروريات دين (دين جا اھي مسئلا جن کي ھر خاص ۽ عام ڄاڻيندو ھجي انھن) مان ڪنھن بہ شيءِ جو واضح طور تي خلاف ڪرڻ، ھي قطعاً اجماعاً (يعني قطعي طور بالاتفاق) ڪُفر آھي يلي ڪٽي خلاف ڪرڻ وارو ڪُفر جي نالي سان چڙندو ۽ ڪمالِ اسلام جي دعويٰ ڪندو ھجي - (فتاویٰ رضويہ، 15/ 431 ملخصاً) وڌيڪ ڄاڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبۃ المدينہ جي ڇاپيل ڪتاب ”ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سُوال جواب“ جو مطالعو ڪندا.
(شعبہ فيضانِ مدنی مذاکرہ)

جهنّم ۾ رهندو. اڄڪلھ هر ڪو شاعر بڻجڻ لڳو آهي، ڪيئي اهڙا Dummy شاعر جن کي شعر چوڻ ئي ناهي ايندو انهن جي باري ۾ هڪ شاعر شعر چيو آهي:

شاعری آتی نہیں پر شاعری کرنے لگے
شاعری چارا سمجھ کر سب گدھے چرنے لگے

شاعري ڪو گاهه ناهي، هي هڪ فن آهي، جيڪڏهن توهان کي شاعري جو فن نٿو اچي ۽ توهان شاعري ڪرڻ لڳا آهيو تہ هي ايئن آهي جيئن توهان درزي ناهيو پر ڪپڙا سبڻ لڳو. شاعر جي لاءِ ضروري آهي تہ هو جنهن زبان ۾ ڪلام لکڻ چاهي ٿو ان وٽ ان زبان جي لفظن جو ذخيرو هجي پر انهن ماڻهن کي تہ چڱي طرح اردو بہ ناهي ايندي ۽ نہ ئي انهن کي اهو معلوم هوندو آهي تہ "رديف" ۽ "قافيہ" ۽ "بحر" ڪنهن کي چوندا آهن، هي ماڻهو ڪنهن ڳائي يا نعت شريف جي وزن تي شِعر لکي وٺندا هوندا يا وري ڪو خوش اِلحان نعت خوان هجي تہ اهو ترنم ۾ شعر لکي وٺندو آهي، ۽ آواز سٺي هجي تہ ترنم جي ڪري بي وزن شِعرَ بہ چڪي تاڙي پڙهي وٺندو آهي، شاعري نہ ڄاڻڻ وارا ماڻهو ان جي ڪلام کي پڙهندا ويندا آهن حالانڪ ان ۾ فنِ شاعري جون تمام گهڻيون ئي غلطيون هونديون آهن پر انهن کي ڪير چئي؟ جيڪڏهن ڪو چوي تہ توهان جو ڪلام سٺو ناهي تہ پوءِ ڏسو ڪهڙو تماشو لڳي ٿو. (مدنی مذاکرہ نمبر 14)

## نعتيہ شاعري ڪرڻ ڪيئن آهي؟

سوال: نعتيہ شاعري ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** سنّت صحابه عَلَيْهِم الرِّضْوَان آهي يعني بعض صحابه ڪرام مَثلاً حضرت حسان بن ثابت رَضِیَ اللہُ عَنْہ ۽ حضرت زيد رَضِیَ اللہُ عَنْہ وغيرهما کان نعتيه شعر لکڻ ثابت آهن، پوءِ به اهو ذهن ۾ رهي ته نعت شريف لکڻ نهايت مشڪِل فن آهي، جنهن جي لاءِ فن جو ماهر عالمِ دين هجڻ گهرجي، نه ته عالم نه هجڻ جي صورت ۾ رَديف، قافيه ۽ بَحر (يعني شعر جو وزن) وغيره جي نڀائڻ جي لاءِ خلافِ شان لفظ ترتيب اچي وڃڻ جو خدشو رهندو آهي، عوامُ النّاس کي شاعري جو شوق ڏيارڻ مناسب نه آهي جو نَثر جي مقابلي ۾ نَظم ۾ ڪُفريات جي صادر ٿيڻ جو وڌيڪ انديشو رهندو آهي. جيڪڏهن شرعي غلطين کان ڪلام محفوظ رهجي به ويو ته فضوليات کان بچڻ جو ذهن تمام ٿورن ماڻهن جو هوندو آهي، جي ها اڄڪلهه جهڙي طرح عام گفتگو ۾ فضول لفظن جي ڀرمار پاتي ويندي آهي اهڙي طرح ”بيان“ ۽ ”نعتيه ڪلام“ ۾ به هوندو آهي.

## چا غير عالم نعت نه ٿو لکي سگهي؟

**سوال:** چا غير عالم نعت شريف نه ٿو لکي سگهي؟ ۽ ان جي نعت پڙهڻ ۽ ٻڌڻ به نه گهرجي؟

**جواب:** جيڪو علماءِ اهلسنت جو صحبت يافته هجي، نعت شريف جا ضروري احڪام ڄاڻيندو هجي ۽ هر هر مِصرعي جي شرعي تفتيش ڪنهن عالم کان ڪرائيندو هجي ان جي لکڻ ۽ ان جو لکيل عالمن طرفان تفتيش ٿيل ڪلام پڙهڻ ۾ حرج ناهي، منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ غيرعالم جي نعتيه شاعري ڪرڻ جا سخت مخالف هئا.

سرڪارِ اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللہِ عَلَيْه جي ارشاداتِ عاليہ جو خلاصو اهو ٿي آهي. تہ جاهل نعت گو شاعرن جا ڪلام ڪڏهن ڪڏهن ڪفريات سان ڀريل هوندا آهن لھٰذا اهڙا ڪلام پڙهڻ وارن کي محفلِ نعت ۾ گهرائڻ بہ ناجائز، اهڙي نعت خواني ۾ ڪنهن کي موڪلڻ بہ حرام ۽ اهڙي ڪلام کي ٻڌڻ بہ گناهہ.

## اعليٰ حضرت ٻن کان علاوه ڄاڻي واڻي ڪنهن جو (اردو) ڪلام نہ ٻڌندا هئا-

سوال: اعليٰ حضرت ڪهڙن ڪهڙن شاعرن جو نعتيہ ڪلام ٻڌڻ پسند فرمائيندا هئا؟

جواب: نعت گو شاعرن جي اڪثريت پنهنجي ڪلام ۾ چوتہ احڪامِ شريعت جو لحاظ ناهي ڪندي ان ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قصداً صرف ٻن شاعرن سڳورن ﴿1﴾ حضرت مولانا ڪفايت علي ڪافي ۽ ﴿2﴾ حضرت مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِما جو ڪلام ٻڌندا هئا. مڪتبة المدينہ جي 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”ملفوظاتِ اعليٰ حضرت“ صفحي 225 تي آهي: هڪ صاحب (حضرت) شاهہ نياز احمد صاحب رَحْمَةُاللہِ عَلَيْه جي عرس ۾ بريلي تشريف کڻي آيا هئا، اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللہِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ ڪجھ شعر نعت شريف جا ٻڌائڻ جي درخواست (يعني نعت پاڪ پڙهڻ جي خواهش ظاهر) ڪئي (اعليٰ حضرت) اِستِفسار فرمايو: ڪنهن جو ڪلام آهي؟ انهن (ڪلام لکڻ واري جو نالو) ٻڌايو انهيءَ تي اِرشاد فرمايو: سواءِ ٻن (شاعرن) جي ڪنهن جو ڪلام مان قصداً (يعني ارادةً پنهنجي خواهش سان) ناهيان ٻڌندو، (فقط انهن ٻن يعني) مولانا (ڪفايت

علي) ڪافي ۽ (منهنجي پاءُ) حسن ميان مرحوم جو ڪلام پڙهندو آهيان. صفحي 227 تي وڌيڪ فرمائن ٿا: ۽ حقيقةً نعت شريف لکڻ نهايت مشڪِل آهي جنهن کي ماڻهو آسان سمجهن ٿا، هِن ۾ تلوار جي ڌار تي هلڻ آهي! جيڪڏهن وڌي ٿو ته اُلوهِيَّت ۾ پهچي وڃي ٿو ۽ جيڪڏهن ڪمي ڪري ٿو ته تنقِيص (يعني توهين) ٿئي ٿي. البته حمد آسان آهي جو ان ۾ رستو صاف آهي جيترو چاهي وڌي سگهي ٿو، مطلب حمد ۾ هڪ پاسي بلڪل حد ناهي ۽ نعت شريف ۾ ٻنهي پاسي سخت حدبندي آهي. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، ص 227)

## نعتيہ شاعري هرهڪ جو ڪم ناهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪنهن محفل ۾ غيرشرعي ڪلام پڙهيو پيو ويندو هجي ته جيڪو معلومات رکندو هجي ان تي واجب آهي ته اصلاح ڪري جڏهن ته ظَنِّ غالب هجي ته غلطي ڪرڻ وارو مڃي ويندو ۽ جيڪڏهن مڃڻ جي اميد نه هجي ته فوراً اٿي وڃي، جيڪڏهن ڪيسٽ وغيره ۾ ناجائز الفاظ يا معنيٰ وارو شعر ٻڌي ته فوراً ٽيپ رڪارڊر بند ڪري ڇڏيو ۽ آئنده بہ ڪيسٽ ۾ ان شعر کي ٻڌڻ کان پرهيز ڪيو ۽ ممڪن صورت ۾ ڪيسٽ ۽ نعت خوان ۽ نعت گو شاعر وغيره جي اصلاح جي تدبير بہ ڪيو.

## ڪنهن ڪنهن جو ڪلام پڙهڻ گهرجي؟

سوال: ڪهڙي ڪهڙي شاعر جون لکيل نعتون پڙهڻ ۽ ٻڌڻ گهرجن؟

جواب: هر ان مسلمان جي لکيل نعت شريف پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جائز آهي جيڪا شريعت جي مطابق هجي، هاڻي چوته ڪلام کي شريعت جي

پيماني تي پرکڻ جي هر هڪ ۾ صلاحيت ناهي هوندي لھٰذا عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ مستند علماءِ اهلسنت جا ڪلام ٻڌا وڃن. اردو ڪلام ٻڌڻ لاءِ مشوري طور ”نعتِ رسول“ جي ستن حرفن جي نسبت سان ست اسماء گرامي حاضر آهن: ﴿1﴾امام اهلسنَّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ﴿2﴾استاذِ زَمَن حضرت مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ﴿3﴾خليفہ اعليٰ حضرت مَداحُ الحبيب حضرت مولانا جميل الرحمٰن رضوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ﴿4﴾شهزاده اعلي حضرت تاجداراهلسنّت حُضور مفتي اعظم هند مولانا مصطفيٰ رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ﴿5﴾ شهزاده اعلي حضرت، حجة الاسلام حضرت مولانا حامد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ﴿6﴾خليفہ اعلي حضرت صدرُ الافاضِل حضرتِ علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ﴿7﴾مشهور مُفسّر حڪيمُ الأُمَّت حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وغيره.

سوال: ڇا غيرِعالم شاعر جي ڪلام پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جي بہ ڪا صورت آهي؟

جواب: اگرغيرعالم شاعِر جو ڪلام پڙهڻ ٻڌڻ چاهيو تہ پهريان ڪنهن فن جي ماهر سنّي عالم کان ان جي تصديق ڪرايو. اهڙي طرح ان شاءَ اللّٰهُ الڪريم ايمان جي حفاظت ۾ مدد ملندي، نہ تہ ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو ڪنهن ڪفريہ شِعر جي معنيٰ سمجهڻ کان پوءِ ان جي تائيد ڪندي جهومڻ ۽ نعري سان داد ڏيڻ سبب ايمان جو نقصان ٿي پوي، غيرعالم شاعر کي نعتيہ شاعري کان پهريان تہ بچڻ ئي گهرجي ۽ انهن اهم مسئلن جي علم کان پهريان جيڪڏهن ڪجھ ڪلام لکيو بہ آهي تہ

جيستائين پنهنجي سڄي ڪلام جي هڪ هڪ شعر کي ڪنهن فنّ شاعري جي ماهر عالم دين کان چيڪ نہ ڪرائي ان وقت تائين پڙهڻ ۽ ڇاپڻ کان مُجتَنِب (پري) رهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه چوتہ پائي جا عالمِ دين هئا، سندن شعر جو هر مِصرعو عين قرآن و حديث جي مطابق هوندو هو لهٰذا بطور تحديثِ نعمت پنهنجي مبارڪ ڪلام جي باري ۾ هڪ رباعي ارشاد فرمائن ٿا:

هوں اپنے کلام سے نہایت مَحظُوظ
بے جا سے ہے اَلْمِنَّةُ لِلّٰہ محفوظ
قراٰن سے میں نے نعت گوئی سیکھی
یعنی رہے اَحکامِ شریعت ملحوظ

(خلاصو: مان پنهنجي ڪلام مان خوب لطف اندوز ٿي رهيو آهيان، ڇوتہ مون تي الله پاڪ جو احسان آهي جو منهنجو ڪلام فضول ڳالهين کان محفوظ آهي. اَلحمدُ لِلّٰہ مون قرآن پاڪ کان نعت گوئي سکي آهي. (مطلب اهو آهي تہ اَلحمدُ لِلّٰہ منهنجو ڪلام شريعت جي عين مطابق آهي)

سیّدی احمد رضا نے خوب لکھا ہے کلام
اُن کے سارے نعتیہ اَشعار پر لاکھوں سلام

(کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص32-38)

## نعتيہ شعر چيڪ ڪرايو

سوال: علماءِ ڪرام کان پنهنجا شعر چيڪ ڪرائڻ جو ضروري آهن؟

جواب: ڪڏهن ڪڏهن شاعر بہ اهڙيون واهيات ڳالهيون ڪندا آهن جو بس، ظاهر آهي هي ماڻهو دُنياوي شاعر هوندا آهن انهن کي نعت لکڻ جو شوق چڙهندو آهي يا حمد بيان ڪرڻ جي خواهش هوندي آهي يا بُزرگانِ دين جي منقبت لکڻ جي تمنا هوندي اٿن تہ ڪجهہ جو ڪجهہ

لکي وجهندا آهن. هيءَ انهن جي فيلڊ ناهي بلڪ علماءِ ڪرام جو شعبو آهي ڪنهن غيرعالم جو ڪم ئي ناهي ته اهو نعت يا حمد وغيره لکي. ظاهر آهي انهن شاعرن کي نه الله پاڪ جي متعلق عقائد جي معلومات هوندي آهي نه نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مقام و مرتبي جي سڃاڻپ پوءِ جڏهن هي شانِ مصطفي بيان ڪرڻ ويندا آهن ته علم نه هجڻ ڪري توهين ڪري ويهندا آهن، يا مَعاذَالله نعت کي اُلوهيت جي مرتبي ۾ ڪٽي ويندا آهن بلڪ ڪڏهن ته صريح ڪفريات تائين به چئي ويندا آهن ۽ عوام انهن جي ڪلام کي نعت سمجهي پڙهي رهيا هوندا آهن.
غيرِعالم شاعر پاڻ کي علماءِ ڪرام جو محتاج رکي نه ته ڪفر ۾ وڃي پوندو ۽ خبر به ڪانه پوندي شاعر حضرات مون کي پنهنجو مخالف نه سمجهن نه ئي مون سان ناراض ٿين، نه منهنجو توهان سان مقابلو آهي، نه مان ڪنهن مشاعري ۾ حصو وٺندو آهيان، ۽ نه ئي مان گهڻي فنّ شاعري ڄاڻيان ٿو بس ٿوري گهڻي ڄاڻ آهي جنهن سان گذارو ٿي ويندو آهي، ۽ ڪلام لکڻ کان پوءِ حتَّي الامڪان ان کي چيڪ ڪرائيندو آهيان. (ملفوظاتِ اميراہلِ سنت،قسط:51)

## نعت ۾ لفظ "تون" يا "تنهنجو" چوڻ ڪيئن آهي؟

سوال: سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ نعت ۾ "تون" يا "تنهنجو" جا لفظ استعمال ڪرڻ بي ادبي آهي؟
جواب: جي نه! انهيءَ ڪري جو تعظيم ۽ توهين جو دارومدار عُرف تي هوندو آهي ۽ اسان جي معاشري ۾ نعتيه ڪلام ۾ اهڙن لفظن جي استعمال کي بي ادبي ناهي سمجهيو ويندو لهذا هن ۾ حَرج ناهي. نعت لکڻ هڪ فن آهي جنهن ۾ مختلف بحرن جي مخصوص وزنن تي لفظ

آندا ويندا آهن، جنهن سان ڪلام ۾ حسن پيدا ٿيڻ سان گڏو گڏ ان ڪي طرز ۾ پڙهڻ به آسان ٿي ويندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو ڪنهن شاعر جي لکيل ڪلام ۾ تبديلي بلڪ هڪ حرف جو به فرق ڪرڻ سان نه صرف ڪلام جو سڄو حسن ختم ٿي ويندو بلڪ ان ڪي ڪنهن طرز ۾ پڙهڻ به مشڪل ٿي ويندو آهي، لهٰذا ادب انهيءَ ۾ آهي ته سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ شريعت جي دائري ۾ لکيل ڪلام مِن و عَن (جيئن لکيل آهي تيئن ئي) پڙهي ڪري ان جي حُسن کي برقرار رکيو وڃي جيئن اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو مشهور زمانه ڪلام آهي:

واہ کیا جُود و کرم ہے شَہِ بطحا تیرا　　　نہیں سنتا ہی نہیں مانگنے والا تیرا

(حدائق بخشش، ص 15)

ڪجھ ماڻهو انهن کي هيئن پڙهندا آهن:

واہ کیا جُود و کرم ہے شَہِ بطحا آپ کا　　　نہیں سنتا ہی نہیں مانگنے والا آپ کا

اهڙي طرح سڄي نعتيه ڪلام جي حُسن کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن، حالانڪ جِن اهو ڪلام لکيو آهي تن جو عشقِ مصطفيٰ ۽ بارگاهِ مصطفيٰ جو ادب ۽ احترام پنهنجن ته ڇا پراوَن وٽ به مُسلَّم (مڃيل) آهي، هڪ ڀيري ڪراچي جي ڪنهن علاقي ۾ ٿيڻ واري محفل نعت ۾ هڪ مشهور ۽ معروف عالمِ دين تشريف فرما هو، ان جي سامهون هڪ نعت خوان اهوئي ڪلام پڙهڻ شروع ڪيو پر ادب جي خيال ۾ "تیرا" جي بدران هر جڳھ تي "آپ کا" جا لفظ لڳائي ڪري سڄي ڪلام کي بگاڙي ڇڏيو، آخرڪار عالم صاحب جو صبر ختم ٿيو ته ارشاد فرمايائون: "اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تو کان وڌيڪ اَدب ڄاڻيندا هيا لهٰذا جيڪو لکيل آهي اهو پڙهه. (فيضانِ مدنی مذاکره ، قسط 32 )

## شاعر جي ڪلام ۾ تبديلي ڪرڻ ڪيئن آهي؟

سوال: ڪجهه شُعَراء ڪلام جي آخر ۾ پنهنجي نالي سان گڏ عاجزي جي لاءِ ڪجهه الفاظ لکندا آهن، ڇا اسان انهن لفظن کي تبديل ڪري سگهون ٿا؟

جواب: ڪڏهن ڪڏهن بزرگ پنهنجي لاءِ عاجزي جا اهڙا لفظ آڻيندا آهن جن کي اسان پڙهي نٿا سگهون، مثلاً اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو هڪ شعر آهي: ”کوئی کیوں پوچھے تیری بات رضا!“ ان کان پوءِ اڳلي شعر ۾ پاڻ پنهنجي لاءِ جيڪي عاجزي جا لفظ استعمال فرمايا آهن اهي مان پنهنجي ذات لاءِ چوان ٿو ته ”کوئی کیوں پوچھے تیری بات عطار! تجھ سے کتّے ہزار پھرتے ہیں“ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هي لفظ پنهنجي لاءِ عاجزي جي طور استعمال ڪيو آهي، ان ۾ منهنجي پنهنجي سوچ اها آهي ته اهو لفظ نه چيو وڃي، بلڪ هيئن چيو وڃي تجھ سے کتّے ہزار پھرتے ہیں، يا تجھ سے شیدا ہزار پھرتے ہیں، يا عاشق ہزار پھرتے ہیں يا اهڙو لفظ آندو وڃي جيڪو انهيءَ مقام تي مناسب هجي ۽ شعر جو وزن به نه ٽٽي، جڏهن نعت خوان اهو شعر پڙهن ته وضاحت ڪري ڇڏين، ته اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هتي عاجزي جي طور پنهنجي لاءِ اهو لفظ استعمال ڪيو هو، پر مون ان کي تبديل ڪيو آهي.

اڄڪلهه جي نعت خوانن کي ايترو ڳالهائڻ ايندو ناهي، البته ايترو ڳالهائي ويندا آهن ته ”ٻن ڏينهن کان ٿڪل آهيان، 12 ڏينهن کان ٿڪل آهيان، روز محفلون آهن، چار چار تي ويندا آهن“ وغيره. جتي وضاحت ڪرڻي هوندي آهي اتي شايد انهن کي ذهن ۾ ئي ناهي ايندو ته

وضاحت ڪري ڇڏين، هتي مان سيني جي ڳالھ نٿو ڪيان، بلڪ دل جلائڻ لاءِ هڪ ڳالھ چئي رهيو آهيان تہ جتي وضاحت ڪرڻي آهي اتي ناهن ڪندا، ڪڏهن ڪڏهن نعت خوان شِعرن جو خلاصو ڪري رهيا هوندا آهن، انهيءَ لاءِ بہ علم هجڻ گهرجي، خصوصاً اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان جي ڪلام ۾ وڌيڪ احتياط جي ضرورت هوندي آهي، ڇوتہ سندن ڪلام Difficult (يعني مشڪل) هوندو آهي، حدائق بخشش جون شرحون لکيل آهن، جيڪڏهن ڪو نعت خوان علماء جي لکيل شرحَن مان وضاحت ياد ڪري بيان ڪري ٿو تہ ڪو حرج ناهي.
(ملفوظاتِ امیراہلِ سنت،قسط:246)

## ڇا اسلامي ڀينرون نعت جي صيغن کي بدلائي سگهن ٿيون؟

سوال: هڪ ڪلام آهي: ”میں مدینے چلا“ جيڪڏهن انهيءَ کي اسلامي ڀينرون ”میں مدینے چلی“ پڙهن تہ ڇا اهو غلط ٿيندو؟

جواب: ڪنهن شاعر جو ڪلام پڙهڻ ”حڪايت ڪرڻ“ سڏرائيندو آهي. يعني جيئن ان ڇيو اسان تيئن بيان ڪري ڇڏيو، هاڻي جيڪڏهن اسلامي ڀينرون ”میں مدینے چلا“ پڙهنديون تہ عجيب لڳندو انهي ڪري انهن کي ”میں مدینے چلی“ پڙهڻ گهرجي، پر انهيءَ ۾ اڳتي بہ مرداڻا لفظ اچي رهيا آهن، اهي ڪٿي ڪٿي تبديلي ڪنديون!!
بهرحال! ”چلا“ کي ”چلی“ ڪرڻ ضروري هوندو. ڇو تہ مؤنث لاءِ اهو ئي استعمال ڪيو ويندو آهي، اگر ”چلا“ چونديون تہ اسلامي ڀينريون ڪلنديون ۽ مذاق ڪنديون، هن کان علاوہ گهٽائي ڪلام اهڙا آهن جن ۾

تبديلي جي ضرورت ناهي پوندي ته اهو پڙهي سگهن ٿيون ۽ پڙهيا به وڃي رهيا هوندا آهن، ياد رهي! ڪنهن شاعر جا شعرَ پنهنجي نالي تي چاڙهي ڇڏڻ ته ”هي مون لکيا آهن“ ڪوڙ ۽ خيانت آهي، اهو وڏو معيوب سمجهيو ويندو آهي، ۽ انهي کي ديني سرقه يعني علمي چوري چوندا آهن، جيتوڻيڪ بعض دفعه اهڙو اتفاق به ٿيندو آهي ته هڪ طرح جو مصرعو ٻن شاعرن لکيو هوندو آهي، جنهن کي ادبي يعني فني زبان ۾ ”تَوارُد“ چوندا آهن. (ملفوظاتِ اميراہلِ سنت، قسط:246)

## اميراهلسنّت جو گجراتي ڪلام

سوال: توهان سپ کان پهريان ڪهڙو ڪلام لکيو هو؟

جواب: دراصل مان گجراتي ميڊيم کان پڙهيو آهيان جنهن جو هاڻي اسان وٽ ايترو هلڻ ناهي. گجراتي ايتري مظلوم ٿي چڪي آهي جو جيڪي ماڻهو پاڻ چوندا آهن ته اسان گجراتي آهيون جڏهن مان انهن سان گجراتي ۾ گفتگو ڪندو آهيان ته ڪڏهن ڪڏهن انهن کي تعجب ٿيندو آهي چو ته اهي ويچارا اهڙي گجراتي ڳالهائيندا آهن جهڙي طرح ڪجهه ماڻهو عجيب ۽ غريب اردو ڳالهائيندا آهن، بهرحال جيئن اردو آهي اهڙي طرح گجراتي به باقاعده هڪ زبان آهي ۽ تمام سٺي زبان آهي، اڳي مان گجراتي زبان جي نعتيه مشاعرن ۾ حصو وٺندو هيس نعتيه يا منقبت وارا ڪلام لکندو هيس. (انهيءِ موقعي تي حاجي عبدالحبيب عطاري عرض ڪيو) توهان پنهنجو ڪو گجراتي شعر ته ٻڌايو (اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمايو) مون اهي شعر جمع ناهن ڪيا ڇوته ان وقت منهنجو جمع ڪرڻ جو ذهن نه هو. ڪڏهن ڪڏهن ياد

ڪندو آهيان تہ ڪو ڪو شعر ياد اچي ويندو آهي. هڪ نعت جو مقطعو مون کي ياد اچي رهيو آهي:

ما نگیو چھے عشقِ نبی مانگی نہ دنیا ایزڑے

مجھے عطار سمجھ دار نجر آوے چھے

(يعني نبي جو عشق گهريو دنيا جي دولت نہ گهري. مون کي عطار وڏو سمجهدار نظر اچي ٿو)

هي منهنجو تمام پراڻو احساس هو تہ دنيا جي دولت جي بدران آقا جي محبت جي گهڻائي نصيب ٿئي، ۽ عشق رسول جو ذخيرو ملي وڃي.

(دلوں کی راحت ، قسط 8)

